تذکرهِ جانشینِ امیرِاہلسنت، قسط 2

# وفادار مڙس

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



رسالي جو نالو: **وفادار مڙس**

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1444ھ ، سيپٽمبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي


مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا
بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# وفادار مڙس

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو:** **ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# وفادار مڙس

دعاءِ نگرانِ شوريٰ: يا الله پاڪ جيڪوبہ هي مڪمل رسالو ”وفادار مڙس“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي گھر وارن کي دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت عطا فرماءِ ۽ ان جي گھر کي اَمن جو آشيانو بڻاءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي ڏينهن ۾ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو اهو مرندو نہ جيستائين جنّت ۾ پنهنجي جڳھ نہ ڏسي وٺي. (الترغيب و الترهيب ، 2 / 328 ، حديث : 22)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 15 سال زال جي خدمت

حضرت ابوعثمان حِيرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زوجہ محترمہ حضرتِ بيبي مريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا فرمائن ٿيون: هڪ ڀيري مون پنهنجي سرتاج ابوعثمان (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) سان اڪيلائي ۾ پڇيو: اي ابو عثمان! توهان

ڪي پنهنجي زندگي جو ڪهڙو عمل سڀ ڪان وڌيڪ پيارو آهي؟ فرمايائون: اي مريم! جڏهن مان جوان هيس اُن وقت منهنجي رهائش ”ري“ (ايران) ۾ هئي. ماڻهو مون کي گهڻو پسند ڪندا هئا. سيني جي خواهش هئي ته منهنجي شادي انهن جي گهر مان ٿي وڃي پر مان سيني کي منع ڪري ڇڏيندو هيس. هڪ عورت مون وٽ اچي هيئن چوڻ لڳي: مان تنهنجي محبت ۾ گهڻو بيقرار ٿي وئي آهيان، منهنجي رات جون ننڊون ۽ ڏينهن جو چين برباد ٿي ويو آهي، مان توکي ان جو واسطو ڏئي ڪري التجا ڪيان ٿي جيڪو دلين کي ڦيرڻ وارو آهي مون سان شادي ڪيو. مون پڇيو: ڇا تنهنجو والد زنده آهي؟ ان جواب ڏنو جي ها، اُهو فلاڻي محلي ۾ درزي آهي، مون ان جي والد کي نڪاح جو پيغام موڪليو ته اهو ڏاڍو خوش ٿيو اُن فوراً ڳوٺ جي معزز ماڻهن کي گهرائي منهنجو نڪاح پنهنجي نياڻي سان ڪري ڇڏيو. جڏهن مان ڪنوار جي ڪمري ۾ داخل ٿيس ته مون ڏٺو ته منهنجي نئي نويلي ڪنوار هڪ اک کان محروم، پيرن کان منڊي ۽ انتهائي بدشڪل هئي، اُن کي ڏسي ڪري مون الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي چيو: اي منهنجا پروردگار! تمام تعريفون تنهنجي لاءِ ئي آهن تو جيڪو منهنجو مقدر بڻايو مان ان تي تنهنجو شڪر گذار آهيان. جڏهن منهنجي گهر وارن کي منهنجي زال جي ڪيفيت معلوم ٿي ته انهن مون کي تمام گهڻو برو ڀلو چيو. مون پنهنجي زال سان ڪڏهن ڪا اهڙي ڳالهه نه ڪئي جيڪا اُن کي بُري لڳي بلڪ مان ان تي وڌيڪ مهربان ٿي ويس ۽ ان کي ضرورت جي هر شيءِ مهيا ڪندو هيس.

منهنجي محبت ۾ شفقت جي ڪري اُن جي اها حالت ٿي وئي جو اها گهڙي ڪن لاءِ به مون کان جدائي برداشت نه ڪندي هئي. پنهنجي ان مجبور معذور زال جي خاطر مون پنهنجي دوستن جي محفل ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ اجان وڌيڪ وقت ان وٽ گذارڻ لڳس، ته جيئن اُن ويچاري جي دل خوش رهي ۽ اها احساس ڪمتري جو شڪار نه ٿئي. اهڙي طرح مون پنهنجي زندگي جا 15 سال ان معذور زال سان گڏ گذاري ڇڏيا. ڪنهن وقت مون کي ايتري تڪليف ٿيندي هئي جڻ مون کي ٻرندڙ ٿانڊن تي وڌو ويو هجي پر مون ڪڏهن به ان تڪليف جو اظهار ان سان نه ڪيو. ايسيتائين جو 15 سالن کان پوءِ اها وفات ڪري وئي. منهنجي ان معذور زال کي مون سان جيڪا محبت هئي ان نيائڻ ۾ ان کي هر طرح سان خوش رکڻ جي خاطر مون جيڪو عمل ڪيو اهو مون کي سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي. (عيون الحكايات(مترجم)، 64/2 بتغير) الله پاڪ جي اُن تي رحمت هجي اُن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## گهرواري کي اهميت ڏيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ”زال“ به الله جي هڪ نعمت آهي. الله پاڪ زال مڙس جي وچ ۾ محبّت و اُلفت ڀريو نهايت پيارو رشتو پيدا فرمايو آهي، ڪجھ نادان پنهنجي زال کي جڻ

انسان ناهن سمجهندا، ويچاري شادي کان پوءِ مڙس جي گهر ايندي آهي تہ صبح ۽ شام مڙس سميت سس، ننهن جي خدمت ۽ ڪيترائي گهريلو ڪم ڪار ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن مٿي ۾ هلڪو سور ٿي پوي يا ٿڪاوٽ جي ڪري ڪجھ آرام ڪرڻ لاءِ ويهي رهي تہ عجيب ڳالهيون ٺاهيون وينديون آهن تہ ڍونگ ڪري ٿي ۽ مَعَاذَالله هن معاملي ۾ غيبت، تهمت ۽ بهتان تائين کان باز ناهن ايندا، يقيناً بين انسانن وانگر زال بہ انسان آهي، هيءَ الله جي ٻانهي نڪاح جي بندڻ سان ٻڌجي مڙس جي گهر آئي آهي، مڙس کي گهرجي تہ ان جي ڏک، سک، خوشي، غمي ۽ بيماري وغيره ۾ برابر جو شريڪ ٿئي، هونئن بہ زال کي ”شريڪِ حيات“ يعني زندگي جو ساٿي چيو ويندو آهي جيڪڏهن اها مڙس جي شريڪ حيات آهي تہ مڙس کي بہ اُن جي زندگي جي هر نرم توڙي گرم موڙ تي ”زندگي جو ساٿي“ بڻجي زندگي گذارڻ گهرجي.

## اسلام ۾ عورت جو مقام

اسلام کان پهرين عورت جي ڪائي حيثيت نہ هئي. چاهي اها ماءُ هجي يا زال، ڌيءُ هجي يا ڀيڻ، عورت جي عزت ۽ احترام جو ڪوئي تصور نہ هيو. ڌيءُ هوندي هئي تہ مَعَاذَالله پيدا ٿيندي ئي زنده دفن ڪئي ويندي هئي، زال هوندي هوندي هئي تہ جڻ پيرن جي جُتي سمجهي ويندي هئي. الله ڪريم جي فضل ۽ احسان تي قربان! جو اُن اسان کي پنهنجي پسنديده دين مُهذب

مذهب ”اسلام“ ۾ پيدا فرمايو جيڪو تمام ديني ۽ دنياوي اَخلاق ۽ آداب سان آراستہ آهي. اسلام اهو پيارو دين آهي جنهن انسان تہ انسان، جانورن تائين جا حقوق بيان فرمايا آهن ۽ عورت کي حقيقي معنيٰ ۾ ”عزت“ اسلام ئي ڏني آهي، قرآنِ ڪريم عورت جا حق واضح بيان فرمائي سڄي دنيا جي عورتن جي عزّت ۽ عصمت جي حفاظت فرمائي آهي. اسلام ۾ ماءُ هجڻ جي حيثيت سان عورت جي جيڪا تعظيم ۽ تڪريم آهي اها اسلام کان علاوه ڪنهن مذهب ۾ ناهي. ايئن ئي اسلام زال، ڌيءُ ۽ ڀيڻ کي تحفُّظ عطا فرمائي تو اهو بہ ڪنهن دين ۾ ناهي. الله پاڪ! اسان کي هميشہ اسلام ۽ اسلامي اُصولن تي پابند رهڻ ۽ ايمان ۽ عافيت سان گڏ سبز سبز گنبذ جي ڇانوَ ۾ شهادت عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اسلام ۾ زال جا حق

اسان جي مُهذب مذهب ”اسلام“ زال جا حقَ بہ وڏي تفصيل سان بيان فرمايا آهن، قرآن ڪريم ۾ زالن سان حسنِ سلوڪ جي متعلق سيپاري 4 سورة النساء آيت نمبر 19 ۾ ڪجھ هن طرح فرمايو ويو:

(وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ)

ترجمو ڪنزالايمان:”۽ انهن سان سهڻو سلوڪ ڪيو.“

علامہ بيضاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا:

زالن سان خوش اخلاقي سان گفتگو ڪرڻ ۽ سيني ڪمن ۾ انهن سان انصاف ڪرڻ انهن سان سنو سلوڪ آهي.“ (تفسير بيضاوی ، پ 4، النساء، تحت الآية: 19، 163/2)

سني ورتاءُ جي هڪ وضاحت هي به ڪئي وئي آهي ته جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪيو، انهن جي لاءِ به اهو ئي پسند ڪيو. (تفسير خازن، پ 4، النساء، تحت الآية: 19، 360/1)

قرآني احڪامن جي مطابق زال سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ جو روشن مثال اسان جي پياري پياري آخري نبي، مڪي، مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت آهي. جيئن ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: خَيْرُكُمْ خَيْرُكُمْ لِاَهْلِهٖ وَاَنَا خَيْرُكُمْ لِاَهْلِيْ يعني توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن سان سنو هجي ۽ مان توهان سيني کان وڌيڪ پنهنجي گهر وارن سان سنو سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان. (ترمذی، 475/5، حديث: 3921)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ڪندي لکن ٿا: وڏو خليق (يعني سني اخلاق وارو) اهو آهي جيڪو پنهنجي زال سان خليق هجي چوته اُن ۾ هر وقت ڪم پوندو رهي ٿو، اجنبي ماڻهن سان خليق هجڻ ڪمال ناهي جو انهن سان ملاقات ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي. (مرأة المناجيح، 96/5)

## بهترين ڪير؟

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مؤمنن مان ڪامل تر مؤمن سني اخلاق وارو آهي ۽ توهان ۾ بهترين اهو آهي جيڪو پنهنجي زالن سان سنو هجي. (ترمذی، 386/2،

حديث: 1165)

”مِراٰةُ المناجيح“ ۾ آهي: خُلقِ حَسَن (يعني سنو اخلاق) اها عادت آهي جنهن سان الله ۽ رسول بہ راضي رهن ۽ مخلوق بہ، اهو جيتوڻيڪ ڏاڍو مشڪل آهي پر جنهن کي اهو نصيب ٿي وڃي ان جا ٻئي جهان موچارا ٿي ويندا آهن. چوتہ زال صرف مڙس جي خاطر پنهنجي سيني مائٽن کي ڇڏي ڏيندي آهي جيڪڏهن مڙس بہ اُن تي ظلم ڪري تہ اها ڪنهن جي ٿي ڪري رهي، ڪمزور تي مهرباني سُنّت الٰهيہ بہ آهي سنّتِ رسول بہ آهي. ( مراٰة المناجيح، 101/5)

## 20 سالن تائين نابينو

هڪ شخص ڪنهن عورت سان نڪاح ڪيو. جڏهن رخصتي جا ڏينهن ويجهو آيا تہ اُن عورت کي ماتان [1] نڪري آئي. جنهن ڪري ان جا گهر وارا تمام گهڻو پريشان ٿي ويا ۽ انهن کي هي خوف ٿيو تہ هاڻي مڙس ان کي پسند نہ ڪندو تہ ان نيڪ شخص ماڻهن جي سامهون اهو ظاهر ڪيو تہ هو نابينا ٿي ويو آهي ايستائين جو اُها عورت رخصت ٿي ڪري ان وٽ اچي وئي ۽ ڇوڪريءَ وارن جي پريشاني گهٽجي وئي. اها عورت ان نيڪ شخص جي نڪاح ۾ 20 سالن تائين رهي (پر اهو اُنهيءَ طرح نابينہ بڻيو رهيو) جڏهن ان عورت جو انتقال ٿيو تہ انهيءَ پنهنجون اکيون کولي ڇڏيون. جڏهن اُن شخص کان ان جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ان جواب ڏنو: مان ان عورت جي گهر وارن جي خاطر ايئن

---

[1] ...هڪ بيماري جنهن ۾ منهن تي داڻا نڪري ايندا آهن.

ڪيو تہ جيئن هو پريشان ۽ غمگين نہ ٿين. ان ڪي عرض ڪيو ويو تہ حُسنِ سُلوڪ ۾ توهان پنهنجي پائرن تي سبقت ڪٽي ويئ. (احياء العلوم(مترجم)، 318/3) الله رب العزت جي ان تي رحمت هجي ۽ اُن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عورت جي باري ۾ اسلامي تعليمات

پيارا پيارا اسلامي پائرو! ڏٺو توهان؟ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها پنهنجي شريڪ حيات (يعني زال) جي سک، ڏک ۾ برابر جا شريڪ هوندا هئا ۽ هن معاملي ۾ زماني جي ملامت جو خوف نہ ڪندا هئا. اڄڪلھ ڪجھ ادارا مختلف مقصدن ڪي سامهون رکي عورتن جي حقن جي ڳالھ ڪندا آهن، پر خُلوصِ نيّت سان گڏ قرآني احڪامن، اسلامي تعليمات ۽ حديثن مبارڪن جو مطالعو ڪن تہ معلوم ٿيندو تہ عورت جا جيترو قدر حقّ اسلام بيان فرمايا آهن ايترو قدر گذريل 15 سو سالن ۾ ڪنهن ناهن ڪيا، ايسيتائين جو"اسلام ۾ مڙس جي لاءِ زال کي پاڻي پيارڻ جو بہ ثواب بيان فرمايو ويو آهي. جيئن تہ حضرتِ عِرباض بن ساريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ ماڻهو جڏهن پنهنجي زال کي پاڻي پياريندو آهي تہ ان کي اجر ڏنو ويندو آهي." صحابي رسول فرمائي ٿو تہ پوءِ مان پنهنجي گهر واري وٽ آيس، اُن کي پاڻي پياريو ۽ هي حديث پاڪ ٻڌائي. (معجم ڪبير، 258/18، حديث: 646) اهڙي طرح هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي تہ نبي

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي رضا جي لاءِ توهان جيترو بہ خرچ ڪندا آهيو ان جو اجر ڏنو ويندو ايسيتائين جيڪو گِرهُ پنهنجي گهر واري جي وات ۾ وجهندا آهيو (اُن جو بہ اجر ملندو). ( بخارى، 438/1، حديث: 1295)

هاڻي جيڪو مذهب گهر واريءَ کي پاڻي پيارڻ جو بہ ثواب ارشاد فرمائي اهو گهر واري تي ظلم ۽ ستم ڪرڻ جي ڪيئن ٿو اجازت ڏئي سگهي ؟ اڄ بہ غير مسلم معاشري ۾ عورت جو حال غور سان ڏٺو وڃي تہ روح ڏڪي ٿو وڃي. جيڪڏهن دنيا ۾ عورت ذات پنهنجي عزّت ۽ عفّت جي حفاظت چاهي ٿي تہ ان کي گهرجي تہ مڪمل طور تي اسلام جي سايي ۾ اچي. اِنْ شَآءَاللّٰه صرف دُنيا ئي نہ بلڪ آخرت بہ ٺهي پوندي. عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي دورِ اسلاف جي ياد تازي ڪرڻ چاهي ٿي. ”دعوتِ اسلامي“ نفرتون مٽائيندي ۽ محبتن جا جام پياريندي آهي. بيمار گهرواي جي خدمت جو هڪ تازو واقعو پڙهو جنهن ۾ وفادار مڙس ڪيترا ئي سال پنهنجي گهرواري جي مالي، جاني ۽ وقت جي خدمت ڪئي. جي ها! هي جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت مولانا حاجي ابواُسيد عبيد رضا عطاري مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالی جي زندگي جو ناقابل فراموش واقعو ۽ تقريباً 14 سال ”زندگي جو سفر“ آهي.

## جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت جو نڪاح

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي حج کان پوءِ دنيا جي سڀ کان وڏي سنّتن ڀريي بين الاقوامي اجتماع

ملتان شريف ۾ 10 شعبان المعظم 1424 هجري بمطابق 2005ع تي جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت جو نڪاح ٿيو. تقريباً هڪ سال ۽ مهينن کان پوءِ جشنِ اعليٰ حضرت جي پُرمسرّت موقعي تي 10 شوّال المڪرم 1425 هجري جو تقريبِ رُخصتي ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شروع کان ئي آخر تائين سڀ تقريبون عين شريعت جي مطابق ٿيون ۽ شادي کان پوءِ کلندي خوش ٿيندي زندگي جا ڏينهن گذرندا ويا.

## جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت "ابوجان" بڻجي ويا

الله پاڪ 21 ربيعُ الاول 1428 هجري بمطابق 10 اپريل 2007 تي گلشنِ عطار کي هڪ مهڪندڙ "گل" ڏيءُ جي صورت ۾ عطا فرمايو، ۽ ايئن جانشينِ عطار "والد" بڻجي ويا.

## بابرڪت عورت

جنهن عورت وٽ پهرين اولاد ڌي هجي اهڙي عورت برڪت واري هوندي آهي، جيئن تہ صحابيِ رسول حضرتِ واثلہ بن اَسقع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: "عورت جي برڪت هي آهي تہ ان وٽ پهرين اولاد ڌيءَ پيدا ٿئي. (تاريخ ابن عساکر، 225/47، حديث: 10196)

هن حديث پاڪ سان بدشگوني جي پاڙ پٽجي وئي ڇوتہ جن وٽ پهرين اولاد ڌي پيدا ٿيندي آهي تہ هُو ٻارڙي جي ماءُ کي "منحوس" سمجهندا آهن، ياد رکو! ڇوڪرين جي پيدائش کان گهٻرائڻ ڪافرن جو طريقو آهي لهٰذا مسلمانن کي گهرجي تہ ڌيءَ پيدا ٿيڻ تي گهٻرائڻ جي بجاءِ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪن ۽ جنهن

عورت وٽ پهرين اولاد ڌيءُ ٿئي تہ ان کي منحوس سمجھڻ بجاءِ مبارڪ سمجھن.

## اميرِاهلِ سنت جي خوشي

باني دعوتِ اسلامي اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ”ڏاڏو“ بڻجي ويا. ڏاڏي جان جي خوشي بہ ڏسڻ وٽان هئي. پهرين پوٽيءَ جي آمد تي عقيقي جي تقريب جو سلسلو ماهِ عبدالقادر ربيع الآخر جي 5 تاريخ تي جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت جي گھر ۾ ٿيو. اللّٰہ ڪريم! خاندانِ عطار ۾ خوشين جي گھڻائي فرمائي ۽ خاندانِ عطار سدا سلامت رهي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## امتحان جو آغاز

2008 سنِ عيسوي، جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت ۽ سندس گھر واري (جنهن جي ڪنيت اُمِّ اُسَيّد عطاريہ آهي) جي لاءِ تمام وڏي امتحان جي آغاز جو سال ثابت ٿيو، هڪ پاسي ڌيءُ پاڻي جي ڪمي جي ڪري اسپتال داخل ٿي وئي، تہ ٻي طرف ننڍڙي جي امڙ جي طبيعت تمام گھڻي خراب ٿي وئي. ڊاڪٽر جي چوڻ تي ٽيسٽ ڪرائي تہ رپورٽ دُرست آئي پر مرض ۾ فرق نہ اچڻ تي (M.I.R) ڪرائي تہ عقيدت مند ڊاڪٽر جانشينِ عطار کي فون ڪري روئندي مرض ۽ رپورٽ بيان ڪئي، جيڪو سندن لاءِ هڪ تمام وڏو صدمو

هيو. قَدَّرَاللّٰهُ وَمَاشَاءَ فَعَلَ يعني جيڪو الله پاڪ چاهيو اهو ٿيو. ڊاڪٽرن وٽ اُن مرض جو علاج نه هيو ۽ انهن جو چوڻ هو ته هي مرض نيڪ ٿيڻ جي بجاءِ ڏينهون ڏينهن وڌندو آهي. دنياءِ دعوتِ اسلامي جي عظيم شخصيت ”اميرِ اهلِ سنّت“ جي وڏي صاحبزادي هجڻ جي حيثيت سان ان جون تنظيمي مصروفيتون ۽ بيون ڪيئي علمي سرگرميون متاثر ٿي ويون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت انهن ڏينهن ۾ پنهنجي والدِ محترم جي خواهش تي درسِ نظامي کان پوءِ ”تخصص في الفقه“ يعني مفتي ڪورس ڪري رهيا هئا. هڪ طرف نئي چاول نںڍڙي جي پرورش، ٻي طرف پنهنجون ديني مصروفيتون، گهر جا ڪم ڪار ۽ هاڻ هي امتحان....!

## ڪلاس فيليوز جو بيان

جانشين اميرِ اهلِ سنّت جي هڪ گڏ پڙهندڙ (ڪلاس فيلو) مدني اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مان ۽ هڪ ٻه وڌيڪ اسلامي ڀائر جانشين اميراهلِ سنّت جي گهر ملي ڪري سبق پڙهندا هئاسين. هڪ ڀيري مان انهي سلسلي ۾ سندس گهر حاضر ٿيس ته ڏٺم ته هو گهر جي ڪم ڪار ۾ مصروف آهن، جيئن ته اسان ٻن ٽن اسلامي ڀائرن کي به پاڻ پنهنجي گهر جي هن آزمائش جو ڪافي عرصي کان پوءِ ٻڌايو هيو اُن ڪري مان اڳتي وڌي ڪري ان سان گڏ گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ ۾ لڳي ويس پر مان ٻه ڪيترو ڪيان ها، بالآخر واپس اچي ويس. پوءِ وقتاً فوقتاً حاضر ٿي ڪري گهر جو ڪجھ ڪم ڪري ڇڏيندو هيس. پر جانشين امير اهل سنت جي

همٿ ۽ حوصلي کي لکَ سلام جو هن آزمائش جي گهڙي ۾ به پاڻ پنهنجي بيمار گهرواريءَ کي تقريباً سڄي پاڪستان ۾ علاج جي لاءِ ڪٺي ويندا رهيا. لکين روپين جو خرچ، ڏينهن رات جون مشقتون، چڻ مالي، جسماني ۽ وقت جون بيشمار قربانيون ڏيندا رهيا.

## تربيت عطارتي لکين سلام

هن نازڪ حالات ۾ ڪيترن ئي سڄاڻن وارن مشورا ڏنا ته چوته هاڻي هِن جي طبيعت صحيح نه ٿي ٿئي ته اهڙي صورتحال ۾ سڄي زندگيءَ جو رشتو نڀائڻ ضروري نه ناهي، هن کي ڇڏي ڪري ٻي شادي جي صورت ٻڌائي ونو. پر جيئن وڏن جا ڪم وڏا هوندا آهن ايئن ئي وڏن جي سوچ به وڏي هوندي آهي. پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن خدانخواسته مان ڪنهن اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿي تو وڃان ته يقيناً مان اهو ئي چاهيندس ته منهنجي خدمت ٿئي، هاڻي هي بيمار ٿي آهي ته مان به هن کي نه ڇڏيندس ۽ مون ڪان جيتري قدر ٿي سگهيو علاج ۽ خدمت جو سلسلو جاري رکندس. هي الله جي ٻانهي منهنجي ماتحت آهي مان هن جي خدمت ڪندس ته شايد هن جي خدمت جي سبب منهنجي بي حساب مغفرت ٿي وڃي.

اے جانشینِ امیرِ اہلِ سنّت
تو سدا رہے سلامت

اے جانشینِ امیرِ اہلِ سنّت
تجھ پر ہو ربّ کی رحمت

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب
صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## زال جي مڙس سان همدردي

جيئن تہ اُمّ اُسيد عطاريہ جي طبيعت اهڙي نہ هئي تہ گهر جو ڪم ڪار، پچائڻ ڌوئڻ جو ڪم ڪري سگهن تنهنڪري جڏهن اها پنهنجي سعادت مند مڙس ڪي پنهنجي خدمت ۾ بين آزمائشن ۾ ڏسندي هئي تہ چند ڀيرا چيائين تہ ”مان هاڻ نيڪ ٿيڻ واري نہ آهيان توهان چاهيو تہ مون کي ڇڏي ڪري ڪٿي ٻي شادي ڪريو تہ جيئن توهان پنهنجي زندگي پُرسڪون گذاري سگهو، پر وفادار مڙس جو جواب هو ”وفا اِها ناهي تہ توهان تي اهو وقت آيو آهي ۽ مان توهان کي ڇڏي ڏيان، مان توهان کي هن ڪيفيت ۾ نہ ڇڏيندس“ پوءِ اُمّ اُسيد ئي سندن لاءِ ٻيو رشتو ڏٺو ۽ خانداني حالات و معاملات جي پيشِ نظر پهرين ۽ ٻي گهرواي جي خاندان جي پاڻ ۾ رضامندي سان سندن هڪ ٻي شادي ٿي وئي. الله پاڪ کين هُن گهرواري (جنهن جي ڪنيت اُمّ جنيد آهي) مان هينئر تائين 22 محرم الحرام 1444 تي اولاد (هڪ ڌيءَ ۽ ہ پٽن) سان نوازيو.

## نماز سان محبت

اُمّ اُسَيد عطاريہ نماز جو وقت شروع ٿيندي ئي نماز پڙهي وٺندي هئي. هڪ اسلامي ڀاءُ جي گهر واري جو بيان آهي تہ مون کي اُمّ اُسيد چيو: مان توهان کي نصيحت ٿي ڪيان تہ جيئن ئي نماز جو وقت شروع ٿئي نماز پڙهي وٺنديون ڪيو.

## باوُضو رهڻ جو جذبو

اُمّ اُسَيد عطاريہ جي مرض جي مدّت ڪم و بيش 14 سال

آهي اُهي هن ۾ بہ پاڪي و طهارت جو خاص اهتمام رکنديون ۽ اڪثر باوُضو رهنديون هيون. جڏهن طبيعت گهڻي خراب رهڻ سبب وُضو ڪرڻ ۾ دشواري ٿيڻ لڳي تہ ظهر کان پوءِ حتّي الامڪان کائڻ پيئڻ کان پاڻ کي بچائينديون هيون تہ جيئن وُضو نہ ٽٽي پوءِ نمازِ عشاء کان بعد کاڌو وغيره کائينديون هيون.

## رمضان المبارڪ جا روزا ۽ اعتڪاف

اُمِّ اُسَيد عطاريہ کي رمضان المبارڪ جي روزن سان خاص لڳاءُ هيو، علاج جي لاءِ سفر جي حالت ۾ بہ روزو نہ ڇڏينديون هيون بلڪ وڏن ڏينهن (12 ربيعُ الاوّل شريف، عاشورا، 27 رجب المرجب، 15 شعبان المعظم وغيره) جا روزا بہ رکنديون هيون، هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ ان جي والده جي عمر 72 سال آهي. 70 سالن جي عمر ۾ ان جي والده ڪڏهن رمضان المبارڪ ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل نہ ڪئي. خوش قسمتي سان ان کي اُمِّ اُسَيد عطاريہ جي صحبت ۾ ڪجھ وقت گذارڻ جو موقعو مليو جنهن جي برڪت سان گذريل ٻن سالن کان مسلسل رمضانُ المبارڪ ۾ پوري مهيني جي اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي رهي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه

## شفايابي جو سوال

صاحبزاده عطار اهو سوچي ڪري اميرِ اهلِ سنّت سان پنهنجي گهرواري جي طبيعت جو بار بار ذڪر نہ فرمائيندا هئا تہ ڪٿي انهن جي ديني ڪمن جي رفتار ۾ فرق نہ اچي وڃي وڏيڪ

ان ۾ هي سني نيّت بہ هوندي هئي تہ والدِمحترم پريشان نہ ٿين. ڳالهہ اتي ئي ختم نہ ٿي ٿئي بلڪ جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت جي مدني سوچ صد ڪروڙ مرحبا! پاڻ حتّي الامڪان مريضہ جي والده کي بہ طبيعت وغيره جي ڪيفيت نہ ٻڌائيندا هئا جو ان جي صدمي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. پاڻ فرمائن ٿا: مون ڪيئي ڀيرا پنهنجي گهرواري جي شفايابي جي لاءِ دعا ڪئي ۽ هميشہ اها ئي دعا ڪئي تہ هيءَ نيڪ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن ان جي قسمت ۾ تندرستي ناهي تہ مرض هن کان وڌيڪ نہ وڌي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڪيئي ڀيرا پنهنجي مسئلن جي حل جي لاءِ ڪوششون ڪندا رهندا آهيون. دوستن رشتيدارن وغيره کي ٻڌائي ڪري انهن جي مدد جي گُهر ۾ رهندا آهيون. مگر مُسبّبُ الاَسباب (يعني اسباب پيدا ڪرڻ وارو) اللّٰہ پاڪ جيڪو اسان جو حقيقي مالڪ آهي ۽ جيڪو واقعي مسئلن کي حل ڪري سگهي ٿو اُن جي بارگاهہ ۾ دُعا ناهيون ڪندا. پريشاني ظاهري طور تي پري ٿئي يا نہ، باقي دُعا ضرور ڪرڻ گهرجي جو دُعا مومن جو هٿيار آهي.

## اُمِّ اُسَيد جون چند عادتون

جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت فرمائن ٿا: ڪيترائي ڀيرا اُمِّ اُسَيد مون کي توبہ ڪرائڻ جو چوندي رهندي هئي. وڌيڪ فرمائن ٿا: هي غريبن جو خيال رکندي، گهر جو ڪم ڪرڻ واري ماسي سان بہ حُسنِ سُلوڪ ڪندي هئي، اُن جي هٿ ۾ رقم نہ رُڪندي هئي،

ڪير اچي پنهنجو ڏک بيان ڪندو هو ته پاڻ اُها رقم اُن کي ڏئي ڇڏيندي هئي، پاڻ نعتيون شوق سان ٻڌندي هئي، گهٽو ڪري مدني چينل ڏسندي رهندي هئي. 2010 ۾ مديني جي سفر جي لاءِ ڪوشش ڪئي وئي پر حاضري کان محرومي رهي.

## اميرِاهلِ سنّت سان محبت جو انداز

اُمّ اُسَيد عطاريه اميرِاهلِ سنّت سان بيحد عقيدت ۽ محبت رکنديون هيون، انهن کي گهٽو ڪري اميرِ اهلِ سنّت جي گهر ۾ تشريف آوري جو انتظار رهندو هيو. بيماري کان پهرين جڏهن پاڻ خود کاڌو پچائينديون هيون ته اميرِ اهلِ سنّت جون استعمال ٿيل هڏيون وغيره اچلائينديون نه هيون.

## ٻه شاديون ڪرڻ وارن کي نصيحت

پيارا پيارا اسلامي پائرو! اسان جي معاشري ۾ ٻن گهروارين کي شرعي احڪامن جي عين مطابق رکڻ آسان ناهي، بهارِ شريعت جلد 2 صفحي 95 تي آهي: جنهن جون ٻه يا ٽي يا چار عورتون هجن ان تي عدل (يعني انصاف) فرض آهي، يعني جيڪي شيون اختياري هجن، ان ۾ سڀني عورتن جو هڪجهڙو لحاظ ڪري يعني هر هڪ کي ان جو پورو حق ادا ڪري. پوشاڪ (يعني لباس) ۽ نان نفقي ۽ رهڻ سهڻ جي معاملي ۾ سڀني جا حق پورا ادا ڪري.

## ٻن گهروارين جا حقَ

مفتي محمد هاشم عطاري مدَّ ظِلُّه العالی جيڪي جانشينِ اميرِ

اهلِ اسنّت جا استاد بہ آهن، فرمائن ٿا: صاحبزاده عطار زالن جي حقن جي متعلق شرعي مسئلن جي باري ۾ پڇندا رهندا هئا، ايسيتائين جو هڪ اهڙي شيءِ جيڪا ٻي گهرواري کي ڏني ۽ پهرين گهرواري جي ڪم جي ناهي مثلاً موبائل، چوتہ شرعي اعتبار سان عدل (يعني انصاف) ضروري آهي لھٰذا پاڻ شرعي رهنمائي وٺي ڪري موبائل جي رقم پهرين گهرواري جي وَلي[2] کي ڏيندا هئا تہ اها رقم ضرورت پوڻ تي ان تي خرچ ڪئي وڃي. قدم بقدم شرعي رهنمائي وٺندو رهڻ ۽ عين شريعت جي مطابق تمام ڪم ڪرڻ جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت جو اهم وصف آهي.

## آخري وقت ۾ بہ عورتن سان حُسنِ سلوڪ جي وصيت

حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ظاهري وصال شريف جي وقت فرمايو: نماز، نماز ۽ هُو توهان جا هٿ جن جا مالڪ ٿيا انهن کي اها تڪليف نہ ڏيو جنهن جي برداشت جي اهي طاقت نہ ٿا رکن، عورتن جي متعلق اللّٰہ پاڪ کان ڊڄو، اللّٰہ پاڪ کان ڊڄو، اهي توهان جي هٿن ۾ قيد آهن، يعني اهي اهڙيون قيدي آهن جن کي توهان اللّٰہ پاڪ جي امانت جي طور ورتو آهي. (مسند امام احمد، 10/ 209، حديث: 26719۔مصنف عبد الرزاق،9/312، حديث: 18254۔مسلم، ص 409، حديث:2950)

## بهترين مڙس اهو آهي!

﴿1﴾ جيڪو پنهنجي گهرواري سان نرمي، خوش خلقي ۽ حسن سلوڪ سان پيش اچي!

[2] ...گهر واري جو ولي ان جو پٽ آهي جيڪڏهن اهو نہ هجي تہ ان جو والد ۽ اهو نہ هجي تہ پوءِ ان جو ڀاءُ هوندو آهي چوتہ اُمِّ اُسَيد عطاريہ جو ڪوئي پٽ نہ هيو ۽ نہ والد حيات هيو انهيءَ ڪري اها رقم پاڻ ان جي ڀاءُ کي عطا فرمائي ڇڏيندا هئا.

﴿2﴾ جيڪو پنهنجي گهر واريءَ جا حق ادا ڪرڻ ۾ ڪنهن قسم جي غفلت ۽ ڪوتاهي نہ ڪري!

﴿3﴾ جيڪو پنهنجي گهرواري جي سخت مزاجي ۽ بداخلاقي تي صبر ڪري.

﴿4﴾ جيڪو پنهنجي گهرواري کي عيش ۽ آرام ۾ برابر جو شريڪ سمجهي.

﴿5﴾ جيڪو پنهنجي گهرواري تي ڪڏهن ظلم ۽ ڪنهن قسم جي بيجا زيادتي نہ ڪري.

﴿6﴾ جيڪو پنهنجي گهرواري جي مصيبتن، بيمارين ۽ رنج ۽ غم ۾ دل جوئي، تيمارداري ۽ وفاداري جو ثبوت ڏي.

﴿7﴾ جيڪو پنهنجي گهرواري جي خرچن ۾ بخيلي ۽ ڪنجوسي نہ ڪري. (جنّتی زیور، ص 84-85 ملتقطاً)

## مرض جي شدت جا ڏينهن

رجب المرجب 1441 هجري بمطابق 2019 عيسوي ۾ اُمّ اُسَيد عطاريہ جي مرض ۾ اضافو ٿي ويو، شعبان المعظم ۽ رمضان المعظم ۾ طبيعت ويتر خراب ٿي وئي ۽ شوال جي مهيني ۾ مرض شدت اختيار ڪري ويو. جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت سندن علاج ۽ خدمت ۾ وڌيون ڪوششون ڪيون ايسيتائين جو سندن گهرواري چوندي هئي تہ ”منهنجي مڙس منهنجي والد جي ڪمي پوري ڪئي آهي.“

## آخري گهڙيون

اُمِّ اُسَيد عطاريہ حيدرآباد جي اسپتال ۾ داخل هيون. ۽ آخري وقت ۾ مرض سان گڏوگڏ ڪرونا بہ ٿي وئي. 2019 ڪان 2022 جو سفر ان جي لاءِ سخت آزمائش جو معاملو رهيو. 5 محرّم الحرام 1444 بمطابق 5 آگسٽ 2022 بروز جمعةُ المبارڪ جي صبح جانشين عطار ضروري ڪم جي سلسلي ۾ پنجاب کان واپسي اچي رهيا هئا، اُمِّ اُسَيد عطاريہ جي ڀاءُ عبدالوحيد عطاري فون ڪيو تہ طبيعت گهڻي خراب آهي توهان جلد تشريف ڪٽي اچو، اللہ جو ڪرڻ ايئن ٿيو عين وفات ڪان تقريباً ڏهہ پندرنهن منٽ پهرين جانشينِ امير اهلِ سنت پنهنجي صاحبزاديءِ سان گڏ مرحومہ وٽ پهتا، مرحومہ پنهنجي ڏي ۽ مڙس سان ملاقات ڪان ٿوري ئي دير بعد ڪرونا جي سبب دم ڏٽي حوالي ڪيو اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن. ياد رهي ڪرونا سان فوت ٿيڻ واري ڪي علماءِ ڪرام شهيد چون ٿا. مرحومہ جو انتقال جمعة المبارڪ جي ڏينهن ٿيو، هن ڏينهن فوت ٿيڻ واري جي بہ ڇا خوب فضيلت آهي.

## جمعي جي ڏينهن مرڻ واري جي فضيلت

اللہ پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو جمعي جي ڏينهن انتقال ڪري ان جي لاءِ شهيد جو اجر لکيو ويندو آهي ۽ اهو امتحانِ قبر ڪان محفوظ هوندو آهي. (تعزية المسلم عن اخيہ، ص 80، حديث: 111)

هڪ روايت ۾ آهي: صحابي رسول حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

ڪان روايت آهي تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي رات يا جمعي جي ڏينهن انتقال ڪري وڃي اهو قبر جي عذاب کان محفوظ رکيو ويندو ۽ بروزِ قيامت اهڙي حال ۾ ايندو جو ان تي شهيدن جي مهر هوندي. ( حلية الاولياء، 181/3، رقم: 3629)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وفات تي خوف خدا

رُڪن شوريٰ حاجي اظهر عطاري جو بيان آهي تہ اُمِّ اُسِيد عطاريہ جي انتقال تي جڏهن مون جانشينِ عطار کي تعزيت جي لاءِ فون ڪئي تہ روئي ڪري فرمائڻ لڳا: مون کي خوف آهي تہ مون کان ان جي خدمت ۾ ڪا ڪمي نہ رهجي وئي هجي.

## اُمِّ جنيد عطاريہ جو بيان

عام طور تي جنهن جون بہ گهر واريون هجن تہ پاڻ ۾ بڻهي جو هڪ راءِ تي متفق ٿيڻ وڏو مشڪل هوندو آهي الله ڪريم خاندانِ عطار تي پنهنجي رحمتن جي برسات فرمائي، جڏهن اُمِّ اُسَيد عطاريہ جو انتقال ٿيو تہ جانشين عطار جي ٻي گهرواري اُمِّ جنيد عطاريہ اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سان تعزيت ڪندي ڪجهہ هن طرح بيان ڏنو: ماشاءَ اللّٰهُ الڪريم غسل ڏيڻ کان پوءِ اُمِّ اُسَيد عطاريہ جو چهرو ازخود قبلي طرف ٿي ويو ۽ چهري تيَ ڪافي نور هيو. عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ نماز جمعہ کان پوءِ اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مرحومہ جي نمازِ جنازه پڙهائي ۽

جنازي کي ڪلهو بہ ڏنو.

## دفنائڻ کان پوءِ ٻوندا باندي

نماز عصر کان فوراً بعد اُمِّ اُسَيد عطاريہ کي صحراءِ مدينہ نزد ڪراچي ٽول پلازه ۾ دفنايو ويو. دفنائڻ وقت اراڪين شوريٰ، ذميدارنِ دعوت اسلامي، مرحومہ جا رشتيدار ۽ ٻيا ڪيترائي عاشقانِ رسول موجود هئا. مرحومہ جي ڀاءُ ڪيس قبر ۾ لاٿو. رڪنِ شوريٰ ابوماجد محمد شاهد عطاري جو بيان آهي تہ جڏهن دفنائڻ کان پوءِ رُڪنِ شوريٰ حاجي اَمين عطاري دعا ڪرائي رهيا هئا تہ اچانڪ هلڪي بارش شروع ٿي وئي. الله پاڪ! مرحومہ جي بي حساب مغفرت فرمائي ۽ ان جي قبر روشن فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

روشن کر قبر بیکسوں کی ‏ ‏ ‏ ‏ اے شمعِ جمالِ مصطفائی
میری شبِ تار دن بنادے ‏ ‏ ‏ ‏ اے شمعِ جمالِ مصطفائی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ‏ ‏ ‏ ‏ صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دفنائڻ ۾ مينهن جو پوڻ نيڪ فال آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (دفنائڻ کان فوراً بعد) مينهن فالِ حَسَن( يعني سٺي فال) آهي خصوصاً جيڪڏهن خلافِ عادت هجي.

(فتاویٰ رضويہ، 373/9)

## فاتحہ خواني

مرحومہ جي ايصالِ ثواب جي لاءِ اسلامي پينرن ۾ 6 محرم الحرام هجري 1444 چنڇر جي ڏينهن منجهند 4 کان 6 ۽ 7 محرم الحرام 1444 هجري اسلامي ڀائرن ۾ آچر جو عصر کان مغرب تائين فاتحہ خواني جو سلسلو ٿيو. بيشمار عاشقانِ رسول اُمِّ اُسَيد عطاريہ کي پنهنجي مختلف نيڪين جو ايصال ثواب ڪيو.ان جو تفصيل ڪجهہ هيٺ ڏسو.

### اميرِاهلِ سنّتِ جي ننهن اُمِّ اُسَيد عطاريہ جي لاءِ ايصال ثواب (07 آگسٽ 2022ء)

| Total figure (in English) | ڪُل تعداد (لفظن ۾) | ڪُل تعداد (هندسن ۾) | ايصال ثواب |
|---|---|---|---|
| Eighty Seven Thousand Five Hundred Eighty Four | ستاسي هزار پنج سو چوراسي | 87584 | قرآنِ ڪريم |
| One Lac Two Thousand Three Hundred Sixty Four | هڪ لک ٻہ هزار ٽي سو چوهٺ | 102364 | مختلف پارا |
| Ten Lac Sixteen Thousand Seven Hundred Twenty Eight | ڏهہ لک سورنهن هزار ست سو اناويهہ | 1016728 | سورة يٰسين |
| Nine Lac Eighteen Thousand Forty Six | نو لک ارڙهن هزار ڇائيتاليهہ | 918046 | سورة الملڪ |
| Seven Caror Eleven Lac Twenty Eight Thousand Seven Hundred Fourteen | ست ڪروڙ يارنهن لک اناويهہ هزار ست سو چوڏنهن | 71128714 | ڪلمہ طيّب |
| One Kharab Two Arab Twenty Eight Crore Forty Five Lac Thirty One Thousand One Hundred Forty One | هڪ کرب ٻہ ارب اناويهہ ڪروڙ پنجيتاليهہ لک ايڪٽيهہ هزار هڪ سو ايڪيتاليهہ | 1.02285E+11 | درود پاڪ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| Eighty Seven Lac Twenty Six Thousand One Hundred Seven | ستياسي لک ڇويهه هزار هڪ سو ست | 8726107 | آيت ڪريمہ |
| Three Crore Seventy Seven Lac Two Thousand One Hundred Ninety Six | ٽي ڪروڙ ستهتر لک ٻہ هزار هڪ سو ڇهانوي | 37702196 | مختلف ذڪر و اذڪار |
| Eighteen Thousand Five Hundred Ninety Six | ارڙهن هزار پنج سو ڇهانوي | 18596 | نفلي روزا |
| Five Lac Seventy Four Thousand One | پنج لک چوهتر هزار هڪ | 574001 | درود تاج |
| Two Crore Twenty Four Lac Thirty Four Thousand Nine Hundred Two | ٻہ ڪروڙ چوويهہ لک چوٽيهہ هزار نو سو ٻہ | 22434902 | استغفار |
| Eight Hundred Fifty Eight | اٺ سو اٺونجا | 858 | مدني قافلي جو ثواب |
| Sixty Six | ڇاهٺ | 66 | عمري جو ثواب |

اللہ ! کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدِ محترم جا دلي جذبات

باني دعوتِ اسلامي، اميرِ اهلِ سنت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه محرم الحرام جي ٻن مدني مذاڪرن ۾ پنهنجي صاحبزادي حاجي عبيد رضا عطاري مدني مدظلہ العالی جي باري ۾ نهايت سٺي جذبات جو اظهار فرمايو، ان کي پنهنجي انداز ۾ خلاصي طور پيش ڪيان ٿو: سڪ جا ساٿي تہ

گھڻا ھوندا آھن پر ”ڏک جو ساٿي“ ڪو ڪو ھوندو آھي ۽ منھنجو پٽ ”ڏک جو ساٿي“ آھي. سالون سال بيماري ۾ مبتلا پنھنجي گھرواري کي سنڀالي رکڻ ۽ علاج جي لاءِ مختلف جڳھن تي ڪٺي وڃڻ نھايت ”متاثر ڪندڙ ڪارنامو“ آھي. ان جو علاج ڪرائڻ ۾ منھنجي پٽ ڪا ڪسر نہ ڇڏي ۽ مون ڪڏھن ان کي ان جي باري ۾ گلا شڪوہ ڪندي نہ ٻڌو. اللہ پاڪ ان کي اھڙو ئي رکي.

(5اور9محرم الحرام ،مدنی مذاکرہ 1444 ھمطابق4اور7اگست 2022)

جانشینی ملی تجھ کو عطّار کی | واہ قسمت تری اے عبید رَضا!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جانشينِ عطار بحيثيت مامو

ڪجھ عرصو پھرين جانشينِ امير اھلِ سنّت جي پاڻيجي جي طبيعت ڪافي ناساز ھئي ۽ اھا حيدرآباد جي ھڪ اسپتال ۾ داخل ھئي. پاڻ پنھنجي ٻارن ۽ اُمّ جنيد عطاريہ سان گڏ پاڻيجي جي ”عيادت“ جي لاءِ تشريف ڪٺي ويا ۽ علاج وغيرہ جي معاملي ۾ ڪافي تعاون فرمايو جنھن تي سندن پاڻيجي ڪجھ ھن انداز ۾ پنھنجي نانا جان اميرِ اھلِ سنّت جي خدمت ۾ پيغام موڪليو: مامو ۽ اُمّ جنيد خاص مون کي ڏسڻ سفر ڪري آيا آھن، مون کي گھڻي خوشي ٿي، مامو بيشمار خصوصيتن جا مالڪ، انتھائي نرم دل، شفيق ۽ معاملات ۾ حيران ڪري ڇڏيندڙ آھن، اسان جو ايترو خيال ڪندا آھن جو اسان جي دل مان ان جي لاءِ گھڻيون دعائون

نڪرنديون آهن، پاڻ هيرا آهن. الله پاڪ هن هيري کي سج وانگر چمڪندو رکي. ان کي ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي. ان جي هر قدم تي حفاظت فرمائي. مامي هر رشتي جو حق ادا ڪري ڇڏيو الله پاڪ! اسان کي مرڻ گهڙي تائين ان جو وفادار رکي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net